ٻاراڻو ادب

سنڌ جا سپوت

# دولهه دريا خان

غلام محمد لاکو

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ٻاراڻو ادب

سنڌ جا سپوت

# دولهه دريا خان

غلام محمد لاکو

سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

ڇپائيندڙ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو
(حق ۽ واسطا محفوظ)
ڇاپو پهريون ١٩٩٠
تعداد ٥٠٠٠
قيمت ٠٠-٥ رپيا
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# Personalities of Sindh

Published by : Department of Culture and Tourism
Government of Sind
Printed by : Azad Communications Karachi.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب مهتاب اڪبر راشدي سيڪريٽري، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي
پاران پڌرو ڪيو ۽ آفتاب ابڙي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪلچر (پبليڪيشنس)
جي نگرانيءَ هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي ڇپيو.

ملڻ جو هنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلچر (پبليڪيشنس)
جناح ڪورٽس، ڊاڪٽر ضياالدين احمد روڊ ڪراچي.
فون - 513334

# پيش لفظ

هن وقت تائين ٻاراڻي ادب تي ايترو توجهہ نہ ڏنو ويو آهي، جيترو ڏيڻ کپندو هو. ٻاراڻو ادب قومي جاڳرتا ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. اها هڪ ميچيل حقيقت آهي تہ ٻاراڻي عمر ۾ ڪنهن شيءِ کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت، وڏي عمر وارن جي ڀيٽ ۾ گهڻي هوندي آهي. ان عمر ۾ ئي ٻارن جي پيڙهہ پختي ٿيندي آهي.

ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي، اسان ٻارن جي تعليمي ۽ ذهني اوسر لاءِ دلچسپ، اصلاحي، مفيد، معلوماتي، تاريخي ۽ ديني ڪتابن شايع ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

معلومات ۽ وندر وارن ڪتابن سان گڏ، اسان جي اها پڻ ڪوشش آهي تہ ٻارن کي پنهنجن عظيم سپوتن ۽ انهن جي ڪارنامن کان واقف ڪريون تہ جيئن هو اخلاق ۽ ڪردار جي پختگي طرف گامزن ٿي، مستقبل ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن.

ڪتاب، انسان جو بهترين دوست آهي، جيڪو انکي سنئين راهہ تي وٺي وڃي ٿو۽ منجهس اخلاق، سچائي، بهادري ۽ بُري ڀلي سمجهہ پيدا ڪري ٿو. ٻارن لاءِ ڪتابن جو اهو تحفو ڏيندي سنڌ ثقافت کاتو گهڻي خوشي محسوس ڪري ٿو. اميد اٿئون تہ اسان جي هيءَ نماڻي ڪوشش توهان وٽ قبول پوندي.

مهتاب اڪبر راشدي

# دولھ دريا خان

## تاريخي پس منظر:

سنڌ جي تاريخ پنج هزار سالن تي پکڙيل آهي. موهن جي دڙي ۽ سنڌو سيتا جي خاتمي کانپوءِ، هن ملڪ تي آرين اچي قبضو ڪيو. ان طرح ڊگهي عرصي تائين سنڌ تي مختلف قبيلا حڪومت ڪندا رهيا. جنهن وقت هتي عربن جي حڪومت نهي، ان وقت راجا ڏاهر جو حڪم هلي رهيو هو. هن راجا جو واسطو سنڌ جي آخري برهمڻ گهراڻي سان هو. عربن ۽ سنڌين جون لڙايون ٧١٢ع ۾ ٿيون، جن ۾ سنڌ جو هي آخري هندو راجا ڏاهر مارجي ويو. ان بعد هن ملڪ تي عربن جي حڪومت قائم ٿي ۽ اسلامي قاعدا قانون جاري ٿيا. ان وقت سنڌ ۾ رهندڙ مکيه قبيلا چنا، لاکا، پنّي، سمان ۽ سهتا ڏسجن ٿا. هنن قبيلن اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿي ويا هئا. سن ١٠١٠ع ڌاري عربن جي حڪومت ختم ٿي ۽ سنڌ تي سومرن جي مقامي قبيلي جي حڪومت نهي. سومرن ٽن صدين کان به وڌيڪ وقت حڪم هلايو. ڪيئي ڌارين بادشاهن ۽ قبيلن سنڌ تي حملا ڪيا، پر سومرن جي بادشاهيءَ کي ختم نه ڪري سگهيا. آخر ۾ دهليءَ جي علاؤالدين بادشاه اسان جي ملڪ تي ڪاهه ڪئي. دودي سومري وڏي دليري، بهادري ۽ همٿ سان مقابلو ڪيو. سوين سنڌي سورمن سان گڏ دودو به، علاؤالدين جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. دودو سومرو اسلامي دور ۾ سنڌ جي تاريخ

جو پهريون شهيد آهي، جيڪو مشڪل وقت اچڻ تي پنهنجي ملڪ جي بچاءُ ۾ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ لڙائي ڪندي جنگ جي ميدان تي مارجي ويو. دودي جي مزار اڄ بہ بدين جي پرسان روپاه جي قتل شهر ۾ موجود آهي. سنڌي شهيدن جي تاريخ ۾ دودي کان پوءِ، دولہ دريا خان جو نالو وڏي عزت سان ورتو ويجي ٿو. دريا خان جو تعلق سمن ڄامن جي دور سان هو.

سمن جو قبيلو سنڌ جي نج نسل سماٽ خاندان ۾ وڏو رتبو رکي ٿو. هي قبيلو عربن جي حملي وقت موجود هو. انهن ڀڏڏرم ڪي ڇڏي اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿي ويا هئا. سومرن جي دور ۾ لشڪر، سپاه ۽ وڏن عهدن تي، سمن کي بہ ڪنيو ويندو هو. سياسي طرح سومرن جي پڇاڙي ٿي تہ سندن جاءِ سمن والاري، ڄام فيروزالدين انڙ هن خاندان جو پهريون بادشاه هو. ڄام انڙ دهليءَ جي تغلق بادشاهن خلاف زبردست محاذ ڪڙو ڪيو. ان ريت هو سنڌ ۾ "سمن جي سلطنت" ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هي واقعو ١٣٥١ع ۾ ٿي گذريو. ڄام فيروز کان پوءِ صدرالدين شاه ڄام بابينو ۽ رکن الدين شاه ڄام تماچي، هڪ ٻئي کانپوءِ سنڌ جا بادشاه بنيا، هي ٻئي پاڻ ۾ ڀائر هئا ۽ زبردست دلير ۽ وطن دوست حاڪم هئا. ان زماني ۾ بہ دهلي ۽ سنڌ جي وچ ۾ چڪتاڻ جاري رهي. آخرڪار هي ويڙه ١٣٨٨ع ۾ ڄام تماچيءَ جي دور ۾ پوري ٿي. ان بعد سنڌ جا سمان ڄام خود مختيار رهڻ لڳا. ياد رهي تہ سنڌ ۾ نوري ڄام تماچيءَ جو جيڪو قصو مشهور آهي، اهو هن بادشاه سان واسطو رکي ٿو. سنڌ جي سمن بادشاهن ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو. ٻاهرين ملڪن سان دوستانا لاڳاپا پيدا ڪيا. ملڪ ۾ اسلامي قاعدا ۽ قانون لاڳو ڪيا. مسجدون ۽ خانقاهون ٺهراياءون. ڪوٽ ۽ قلعا ٺاهي سنڌ جي بچاءَ ڪي مضبوط

ڪيائون. عام ماڻهن جي صورتحال سڌارڻ طرف ڌيان ڏنائون. ان ريت سمن بادشاهن جي باري ۾، تاريخ تمام گهڻي تعريف لکي آهي. سمن ڄامن جي مثالي ۽ پرسڪون دور جو اوج ڄام نندي تي ٿئي ٿو. سنڌ جو عظيم سپہ سالار ۽ شهيد "دريا خان" بہ هن بادشاهہ جي زماني ۾ ٿي گذريو. ان ڪري بهتر ٿيندو تہ اسين سڀ کان اول ڄام نندي بابت مختصر ڳالهہ ٻولهہ ڪريون. ان بعد شهيد اعظم دولهہ درياخان جو تفصيلي اڀياس ڪيون.

## ڄام نظام الدين:

سلطان نظام الدين ثاني عرف ڄام نندو، هن خاندان جو پندرهون بادشاهہ ٿي گذريو آهي. پاڻ پنهنجي پيءُ ڄام سنجر کان پوءِ ۱۴۶۱ع ۾ تخت نشين ٿيو. ڄام سنجر حياتيءَ جي آخر ۾حڪومت جي واڳ ڄام نندي کي ڏني، پاڻ ٻين ٻن پٽن سان گڏ ملڪ گجرات ڏي هليو ويو. سندس انهن پٽن جا نالا معلوم ڪونهن. البت انهن مان هڪ جي پٽ پوءِ سنڌ جي بادشاهيءَ جي دعويٰ ڪئي هئي، جنهن جو ذڪر هيٺ دريا خان جي احوال ۾ ايندو.

سلطان ڄام نظام الدين کي سنڌي ماڻهو پيار وچان ڄام نندو بہ سڏيندا هئا. ڄام نهايت ئي بخت واري وقت سنڌ جو تخت ڌڻي بڻيو. ان وقت هر طرف صلح سانت هو. ان وقت سندس آس پاس ۾ نهايت معتبر سياستڪار حڪم هلائي رهيا هئا. انهن بادشاهن کي پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ مڪمل ضابطو حاصل هو. نہ تہ ڪين ڪنهن بغاوت سان منهن ڏيڻو هو ۽ نہ وري انهن مان ڪنهن کي، ٻئي ملڪ تي حملو ڪري قبضو ڪرڻ جو ارادو هو. هندي نندي ڪنڊ ۾ تاريخ اهڙا سٺا واقعا گهٽ بيان ڪيا آهن. ان وقت گجرات

تي سلطان محمود بيگڙو بادشاهه هو. محمود بيگڙو سنڌ جي ٻارهين بادشاهه ڄام جوڻي ثانيءَ جو ڏوهٽو هو. ملتان تي بادشاهه حسين لانگاه جو سڪو چالو هو. ڪشمير ۾ سلطان زين العابدين جو حڪم هلي رهيو هو. دهليءَ ۾ بهلول لوڌيءَ جو راڄ هو. هرات ملڪ تي وري حسين بايقرا مرزا جي بادشاهي برقرار هئي. هي سڀ بادشاهه هڪ ٻئي جا دوست هئا. ڪين هڪ ٻئي لاءِ وڏي عزت هئي. حقيقت ۾ ڄام نندي سنڌي عوام جي دلين تي راڄ ڪيو. سندس تخت نشيني عالمن، صالحن، سپاهين ۽ رعيت جي رضامندي سان ٿي هئي.

سنڌ توڙي هند جون تاريخون ڄام نندي جي ساراهه ڪندي فخر محسوس ڪن ٿيون. ڄام اڄا بادشاهه نه بڻيو هو ته اڪثر وقت خانقاهن ۽ مدرسن ۾ گذاريندو هو. هو نهايت وڏنڊڙ صفتن ۽ سٺن اخلاقن جو مالڪ هو. پاڻ حد درجي جو زاهد ۽ عابد ٿي گذريو. هن سنڌ جو حاڪم ٿيڻ شرط ملڪي سڌاري طرف توجهه ڪيو ۽ سرحدن کي محفوظ ڪرڻ ڏي ڌيان ڏنو. سندس دور ۾ رعيت خوش ۽ ماڻهو آسودا هئا. عالم، عابد، صالح، فقير، امير ۽ سپاهي مطلب ته هر قسم جا ماڻهو هن ڄام جي دور ۾ مطمئن هئا. هڪڙي تاريخدان ڄام نندي جي امن پسنديءَ بابت لکيو آهي ته: هو هر هفتي پنهنجي طبيلي ۾ ويندو هو ۽ گهوڙن جي پيشانيءَ تي هٿ ڦيري چوندو هو ته، اي بختاورؤ! جهاد کان سواءِ اوهان تي سواري نه ڪندس، ڇو ته هر طرف سرحدن تي مسلمان بادشاهه آهن. دعا ڪريو ته شرعي سببن کان سواءِ ڪٿي به نه وڃان ۽ نه وري ٻيو ڪو هتي اچي. متان مسلمانن جو خون ناحق وهي. ان طرح هڪڙي هندستاني تاريخدان ڄام نندي جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: سنڌ ۾ ته لهيو پر هندستان ۾ پڻ وري ڪو سندس جهڙو مثالي بادشاهي نه ٿيو!

ڄام نظام الدين جي دور ۾ سنڌ ملڪ ۾، اسلام جي اشاعت ۽ نبوي سنت جي تمام گهڻي پيروي ٿي. ٻاهرين رياستن سان سٺا تعلقات قائم ڪيا ويا. هاري ۽ پورهيت توڙي ملازم ۽ واپاري خوش حياتي گذاري رهيا هئا. زراعت وڌي ۽ وڻج واپار ۾ واڌارو ٿيو. ڄام صاحب ننگر ٺٽي کي پنهنجي تختگاه طور مقرر ڪيو ۽ شهر جي سونهن ۽ واڌاري لاءِ حڪم جاري ڪيا. هي شهر ٿوري وقت ۾ سڄي دنيا جو مرڪز بڻجي ويو. حڪومت جون آفيسون، ڪوٽ قلعا، حويليون پاڙا، مسجدون، خانقاهون ۽ مندر تعمير ڪري، ٺٽي جي اهميت کي وڌايو ويو. مقامي سنڌي عالمن کان علاوه ايران، هرات ۽ گجرات کان اديب ۽ استاد اچي هت رهيا. مطلب تہ تمام ٿوري وقت ۾ ٺٽي هي شهر بغداد ۽ دمشق جي درجي تي پهچي ويو. ڄام نندي جي مثالي حڪومت سبب، سنڌ جون سرحدون بہ ڪشاديون ٿيون. ان دور ۾ ڪڇ کان سبي ۽ لاهري بندر کان اچ تائين، سمن جو سڪو چالو ڏسجي ٿو. هن زماني ۾ سنڌ جو سياسي، معاشي، علمي ۽ فني اوج ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڄام نندي جي پنهنجي سڪي جو پتو بہ پيو آهي. ان ريت هن دور جي مثالي هجڻ ۾ ڪوبہ شڪ شبهو باقي نہ ٿو رهي.

جنهن وقت ڄام نظام الدين بادشاه بڻيو، تہ ان وقت سنڌ ۾ امن امان ڪونہ هو ۽ ملڪي سرحدون بہ محفوظ نہ هيون. ان پس منظر ۾ ڄام ڪي بنيادي فيصلا ڪيا. قاعدن ۽ قانون کي سڌاري انهن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو ويو. حڪومت جو انتظام ٺيڪ طرح سان هلائڻ لاءِ، وزيرن جي هڪ ڪائونسل پڻ جوڙي وئي. انهن وزيرن سچيءَ دل سان وطن ۽ قوم جي خدمت ڪئي. ڪتابن کي پڙهندي اسان کي ڪجھ نالا ملن ٿا، جي هن بادشاه جي حڪومت ۾ وزير بہ هئا، تہ اهم عهدن تي بہ ڪم ڪندا هئا.

دلشاد وزير کي بکر تي مقرر ڪيو ويو، جتي پهچي هن امن امان کي بحال ڪيو. هن هڪ ڀيري اچ شهر تي بہ ڪامياب حملو ڪيو هو. تاريخ ۾ دلشاد جي چڱي تعريف ڪيل آهي. ڄام جي هڪ ٻئي وزير جو نالو لکدير مليو آهي، جو هندو هو. هن کي لکمير يا لکسير پڻ سڏيو ويو آهي. هي وزير هميشہ ننڍي سان شيل شڪار تي گڏ رهندو هو. ڪيس ٻيون بہ اهم ذميداريون سونپيل هيون. وزارتي ٽيم ۾ ديوان ڇاڳلا جو نالو بہ ملي ٿو. ڪيس ڪاڇي طرف مقرر ڪيو ويو هو. ڄام ننڍي جي دور ۾ بهادر خان بہ ٿي گذريو، جنهن کي سرحدي شهر سبيءَ تي عملدار بنايو ويو هو. حاجي خان، ماڻڪ ۽ سارنگ پٽ درياخان، بہ هن زماني ۾ مکيہ مشير ۽ آفيسر ٿي گذريا آهن. ليڪن هنن سڀني وزيرن ۽ عملدارن ۾ "دريا خان" جو نالو مٿانهين حيثيت رکي ٿو. ڄام ننڍي کيس پنهنجو پٽيلو بنايو هو ۽ مٿس گهڻو اعتبار ٿي ڪيائين. ان ڪري اسين دريا خان کي مختلف روپن ۾، حڪومت جو اڳواڻ ۽ سرواڻ ڏسون ٿا. پاڻ هڪ ئي وقت وزيراعظم، اميرن جو امير ۽ فوج جو اعليٰ سپہ سالار ٿي گذريو آهي. هن مختصر تاريخي تمهيد کان پوءِ اسين "دولہ دريا خان" جي سوانح ۽ خدمتن جو تفصيلي اڀياس ڪنداسين.

## نالو، لقب ۽ ڪرَم قبيلو:

سنڌ جو هي سورهيہ ۽ سدا ملوڪ شهيد "دريا خان" ذات جو ڪير هو، يا وري سنڌس واسطو ڪهڙي ڪرَم قبيلي سان هو، ان متعلق اسان کي تمام گهٽ ڄاڻ ملي ٿي. اوائلي تاريخي ڪتابن ۾ گمان ڏيکاريل آهي تہ هو ذات جو سيد زادو هو. پر جي سيد هو تہ ساداتن جي ڪهڙي شاخ سان سنڌس تعلق هو، ان بابت ڪابہ معلومات نہ ٿي ملي. هي راءِ بنہ قبول ڪرڻ جهڙي ڪانهي.

ويجهڙائيءَ واري دور ۾ دريا خان جي باري ۾، هي خيال بہ پيش ٿيو آهي تہ پاڻ، سنڌ جي ٻروچن جي ڪنهن قبيلي جو فرد هو. حقيقت ۾ هي خيال تاريخي طرح درست ڪونهي. هي راءِ ڏيندڙن نالي جي پٺيان "خان" اکر ڏسي پوءِ اهڙو گمان ڪيو آهي. هن ڏس ۾ ٽين راءِ بہ ملي آهي. جنهن کي ڪتابي هٿي بہ ملي ٿي ۽ سنڌ جي قبيلائي روايتن جي تائيد بہ حاصل ٿئي ٿي. تاريخ طاهريءَ واري لکيو آهي تہ سندس اصل نالو قبول هو.پوءِ جڏهن ڄام نندي جو ملازم بنيو، تڏهن سندس نالو درياخان رکيو ويو. جڏهن ترقي ڪندي ويجي وڏي رتبي کي پهتو، تڏهن مبارڪ خان جو لقب حاصل ڪيائين. هن خيال کي سنڌ جي حسب نسب جي ڄاڻن، تاريخي تورتڪ ۽ چندڄاڻ ڪان پوءِ هن ريت پيش ڪيو آهي. سنڌ جي هن سدا سورهيہ ۽ امر شهيد جو تعلق قبوليا قبيلي سان هو. سندس نالو ابتدا ۾ توڙي پڇاڙيءَ تائين دريا خان هو. پوءِ جڏهن ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو ويو ۽ ڄام نندو سندس خدمتن مان مطمئن ٿيندو ويو، تڏهن وڏي سوچ ويچار ڪان پوءِ کيس مبارڪ خان جو لقب پڻ ڏنائين. ياد رهي تہ قبوليا قبيلو نہ رڳو اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهي، پر دريا خان جي جاگير ڳاها طرف پڻ هن ڪڙم جا ماڻهو رهندا اچن ٿا هڪڙي اديب لکيو آهي تہ: دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻہ الڳ الڳ شخص آهن. پر اهو درست ڪونهي. هي هڪ ئي تاريخي انسان ٿي گذريو آهي، جنهن جو نالو درياخان ۽ لقب مبارڪ خان هو. هن متعلق ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي.

## ڄام نندي جي ملازمت:

ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو سن ١٤٦١ع ۾ سنڌ جو بادشاهہ بنيو. ان وقت سنڌ جي سرحدن تي اطمينان واري حالت نہ هئي. ان

کان علاوه ملڪ جي اندر بہ بدامني ۽ بدنظمي ڏٺي ٿي. ڄام صاحب وڏي جرئت سان فيصلا ڪيا ۽ قاعدن تي عمل ڪرايو. پاڻ سڄي ملڪ جو دورو ڪيائين. سرحدي شهر ڏٺائين ۽ اتي قلعا ڪوٽ اڏائي سپاه مقرر ڪيائين. ملڪ جي اندر فسادين کي سخت سزائون ڏئي، امن امان بحال ڪيائين. جڏهن هر طرف سک سانت بحال ٿيو ۽ ان بابت مطمئن ٿي ويو، تہ پاڻ بہ اڳين ڄامن بادشاهن وانگر سيرسفر ۽ شيل شڪار جو شغل اختيار ڪيائين. اهڙي ئي هڪ شڪار وقت پاڻ دريا خان جو انتخاب ڪري، کيس پنهنجي ملازمت ۾ آندائين. هي قصو هن ريت ٻڌايو ويجي ٿو:

ڄام ننڊو ننڍي ۾ ئي لڪي حڪومت تي ويٺو، تڏهن شهر جي ۽ خود بادشاه جي هر طرف هاڪ ٿي وئي. هر شخص کيس دعائون ڪرڻ لڳو ۽ سندس عدل توڙي انصاف جي چؤطرف واڪاڻ ٿيڻ لڳي. هڪ ڏينهن ڄام ننڊو پنهنجي وزير لڪدير سان گڏجي شڪار تي روانو ٿيو. لڪدير وٽ قبوليو نالي هڪ غلام ڇوڪرو هو، جو خاص پاڻي پيارڻ لاءِ مقرر ڪيو هيائين. چون ٿا تہ اصل ۾ هي سيدزادو هو ۽ ڪٽي قيد ڪيو ويو هو. وزير لڪدير کيس اتان آزاد ڪرائي، آڻي اچي پنهنجي ملازمت ۾ رکيو هو. پاڻ هر وقت ان ڇوڪري کي پاڻ سان گڏ رکندو هو.

شڪار ۾ هلندي ڄام ننڊي کي اچي اڃ تپايو تڏهن پاڻيءَ جي طلب ڪيائين. اتفاق اهڙو ٿيو جو ان وقت بادشاه جي پاڻي پيارڻ لاءِ مقرر ٿيل ماڻهو موجود نہ هو. ان ڪري وزير لڪدير پنهنجي ملازم کي پاڻي پيارڻ لاءِ حڪم ڪيو. هي جيتوڻيڪ اڃا ننڍي عمر جو ڇوڪر هو، پر خداپاڪ وڏي عقل ۽ ڏاهپ سان نوازيو هئس. حڪم ملڻ تي پاڻ پاڻيءَ جو پيالو ڀري آيو ۽ اچي ڄام ننڊي کي پيش ڪيائين. پر پيالي ۾ ڄاڻي واڻي ڪجھ ڪک وجهي

ڇڏيائين. گھڻي اڃ ڪري ڄام ننڍو پيالو وٺي ڪکن کي تاريندو پاڻي پيئندو ويو. جڏهن ٽانءُ نينڍڙي ڇوڪري کي موٽائي ڏنائين، تڏهن پڇيائينس ته ڪک ڇو وڌا هئي؟ ڇوڪريءَ ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو ته، سائين جن کي سخت اڃ لڳي هئي. جيڪڏهن پاڻي صاف هجي ها ته اوهين شايد يڪ ساهيءَ سمورو پاڻي پي ويو ها. ايئن ڪرڻ جي ڪري سواريءَ ڪندي، هوند اوهان کي پيٽ ۾ سخت تڪليف ٿئي ها. تنهنڪري مون ڄاڻي واڻي پاڻيءَ ۾، ڪک وجهي ڇڏيا هئا ته جيئن، اوهين آهستي آهستي ۽ آرام سان پاڻي پيو.

جيتوڻيڪ اها ڪا وڏي ڳالھ ڪانه هئي. تڏهن به هن ڳالھ جو ڄام ننڍي تي گھڻو اثر ٿيو. ان ڪري پاڻ هن ننڍڙي ڇوڪري کي وزير لکدير کان آزاد ڪرائي، ڪيس پنهنجي ملازمت ۾ رکي، سندس قسمت ئي بدلائي ڇڏيائين. ان بعد بادشاھ سندس تعليم ۽ تربيت جو مناسب بندوبست ڪيو. جيئن ته قدرتي طرح دريا خان ۾ شاهي وزارت سنڀالڻ جا گڻ موجود هئا، انڪري ٿوري ئي وقت ۾ وڃي ان درجي کي پهتو. آخر ڪار پاڻ ڏينهن و ڏينهن ڄام جي نظر ۾ مٿانهون ٿيندو ويو. جنهن نيٺ ڪيس مبارڪ خان جو خطاب پڻ ڏنو. سندس حيثيت ۽ اهميت ايتري ته وڌي وئي، جو ڄام ڪيس پنهنجن عزيزن کان به وڌيڪ گھرڻ ۽ ڀائڻ لڳو. ان وقت لکدير کان علاوه دلشاد جهڙو وزير به موجود هو، تڏهن به بادشاهي فرمان موجب مبارڪ خان جي مشهوري وڌيڪ ٿي وئي. ايتري حد تائين جو ڄام پنهنجي پٽ فيروز جي هوندي به، حڪومت جون ذميداريون دريا خان جي حوالي ڪيون.

ڄام نظام الدين وٽ اچڻ ۽ ملازمت ڪرڻ جي حوالي سان، دريا خان جي باري ۾ هڪ ٻي روايت به ملي ٿي. هي روايت مشهور

انگريز مصنف رچرڊ برٽن لکي آهي. برٽن لکي ٿو تہ دولهي دريا خان جو قصو بہ سنڌين جي زور آزمائي ۽ ملڪ گيريءَ جو هڪ نيم تاريخي داستان آهي. ڪينجهر نالي ڍنڍ جي پرسان هڪ شهر ۾ ڄام ننڊو حڪومت ڪندو هو. هن بادشاهہ کي پٽ اولاد ڪونہ ٿي ٿيو. ان ڪري پاڻ گود جو هڪ ٻار وٺڻ جو فيصلو ڪيائين. هڪ ڀيري شڪار ڪندي ڏٺائين تہ هڪ ريڍار جو ٻار وڻ هيٺان ستو پيو آهي. پاڻ اتي بيهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان ٻار کي ڄاچيندو رهيو. ڏٺائين تہ ٻار جي مٿان ڇانو ٿي ڇانو بيٺي آهي. پڪ ٿيس تہ هيءَ غيب جي نشاني آهي ۽ اڳتي هلي هي ٻار وڏيءَ ڳالهہ وارو ٿيندو. تنهنڪري هن کي ڪٽي گود ۾ ورتائين. مٿس دولهہ دريا خان نالو رکيائين. خان وڏو ٿيندي ٿي نالو ڪڍيو. بهادريءَ جا وڏا ڪم ڪيائين. ۽ پوءِ سنڌ جي آس پاس وارا ملڪ بہ فتح ڪيائين.

هن ٻنهي روايتن تي غور ڪرڻ کان پوءِ ڪي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا. گمان غالب آهي تہ ڄام ننڊي کي ابتدا ۾ اولاد خاص ڪري پٽاڻو ٻار نہ ٿيندو هو. ان ڪري پاڻ گود جو هڪ نينگر حاصل ڪيائين. هن ڳالهہ کي هن ريت بہ هٿي ملي ٿي، تہ جنهن وقت نظام الدين وفات ڪئي، ان مهل فيروز اڃا ننڍو ۽ بي سمجهہ ڇوڪرو هو. ان ڪري حڪومت جو انتظام دريا خان جي حوالي ڪيو هيائين. ڏسجي ٿو تہ فيروز ان وقت ڄائو هو جڏهن ڄام ننڊو پيرسن ٿي چڪو هو ۽ ان ريت پاڻ دريا خان کي پٽيلو بنائي، سندس ڀرپور تعليم ۽ تربيت ڪيائين، هنن سيني ڳالهين کان هٽي ڪري ڏسجي تہ، دريا خان ننڍي هوندي کان ئي عقل ۽ ڏاهپ وارو انسان هو. انڪري تہ سنڌ جي بادشاهہ کيس پنهنجي ملازمت ۾ رکيو. سندس ڀرپور طريقي سان پرورش ڪيائين. جيئن جيئن

عمر ۾ وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن سندس ذهانت ظاهر ٿيندي وئي. درياخان سمن ڄامن جي ملازمت ۾ ڪڏهن گهڙيو ان بابت پوريءَ ريت ڄاڻ نہ ٿي ملي. البت اندازو آهي تہ ١٤٧٥ع ڌاري ڄام نندي، دريا خان کي پنهنجي نظرداريءَ ۾ آندو. اٽڪل ڏهن سالن ۾ پاڻ بادشاهي سڪيا ۾ رهيو. آخرڪار مختلف تربيتي توڙي آزمائشي مرحلن مان گذرندي، پاڻ وڃي اعليٰ عهدن کي رسيو. تان جو سندس تدبر، ڏاهپ ۽ بهترين فوجي تربيت جي آزمائش جو وقت اچي ويو.

## منگولن سان شاندار معرڪا:

سنڌ جو بادشاهہ ۽ دريا خان جو اعليٰ سرپرست، ڄام نندو هڪ انتهائي طاقتور بادشاهہ هو. مضبوط ۽ طاقتور حاڪم هوندي بہ، پاڻ هميشہ امن واري پاليسيءَ تي گامزن رهيو. هن ڪڏهن بہ جنگ ۽ جهيڙي جي ڳالهہ نہ ڪئي. آس پاس جي بادشاهن سان دوستي قائم ڪيائين. وقت بہ وقت انهن حاڪمن سان تحفن ۽ سوکڙين جي مٽاسٽا پيو ڪندو هو. ان وقت ملڪ سنڌ جون سرحدون محفوظ بہ هيون تہ ڪشاديون بہ ڏسجن ٿيون. ڄام نندي جي دور ۾ سبي سنڌ جو هڪ اهم فوجي، سرحدي ۽ سياسي مرڪز هو. ان زماني ۾ سنڌ جي حڪومت هن شهر تي، بهادر خان کي پنهنجو گورنر ۽ فوجي ڪمانڊر مقرر ڪيو هو. سندس گورنريءَ جي وقت ۾، سنڌ جي تاريخ جو هڪ نهايت اهم خوني واقعو ٿي گذريو آهي.

ان دور ۾ هرات جي ملڪ تي حسين بايقرا مرزا بادشاهي ڪندو هو. قنڌار جو شهر بہ هن جي تابع هو، جتي سندس پاران امير ذوالنون ارغون مقرر ٿيل هو. هي امير نهايت سرڪش هو. ڪيس هر وقت هي خيال هوندو هو تہ، ڪو ملڪ فتح ڪري، حسين مرزا وٽ

سرخرو ٿئي. ان کان علاوه ڪيس هي بہ خيال رهندو هو تہ، متان اسان کي هتان بي دخل ٿيڻو پوي، انڪري امير ذوالنون سنڌ جي پرامن ملڪ تي حملي ڪرڻ جي رٿا جوڙي. ان وقت قنڌار جي ڪن واپاين ذوالنون جا ڪن پريا. انهن رپورٽون ڏنيون تہ سبي شهر جي آس پاس سنڌي ماڻهو، اسان جن واپاري قافلن کي ڦريندا رهن ٿا. هنن اطلاعن جي آڙ وٺي ارغون گورنر، پنهنجي پٽ شاه بيگ کي وڏو لشڪر ڏئي، سنڌ تي ڪاه ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. سنڌ لشڪر ۽ ارغون جي سپاه ۾ ١٤٨٥ع ۾ جنگ ڇڙي پئي. هي لڙائي پورا ٻہ سال جاري رهي. سمن جي لشڪر سرڌڙ جي بازي لڳائي ڇڏي. سوين ڪونڌر ڪُسي ويا. ان هوندي بہ بهادر خان شڪست کائي اچي سنڌ جي تختگاه کان نڪتو. هي واقعو ١٤٨٧ع ۾ ٿي گذريو. شاه بيگ ارغون سبي شهر تي قبضو ڪيو. ان بعد هن شهر تي پنهنجي ڀاءُ ابوالمحمد مرزا عرف سلطان محمد کي گورنر بنائي، شاه بيگ ارغون پاڻ قنڌار ڏي موٽي ويو.

طاقت ۽ سوڀ جي نشي ۽ غرور ۾ اچي، منگولن هن واقعي بابت هڪ اطلاع نامو جاري ڪيو. هن پڌرنامي ۾ سنڌين کي جي امن پسند مسلمان هئا ۽ ڪنهن طرف بہ اڳرائي نہ ٿي ڪيائون، تن کي هندو ۽ ڪافر سڏيو ويو هو. اطلاع نامي جون ڪجھ سٽون هن ريت آهن.

"تازو هن دور ۾ واپاري ٽولن، جنهن جو واپاري سلسلي ۾ سنڌ جي علائقي ۾، جيڪو اسان جي حدن جي پرسان آهي اچ وڃ جو سلسلو قائم هو، دربار ۾ اچي فرياد داخل ڪيو تہ اسلام دشمن جي هڪ جماعت جيڪا صاحب سلطنت آهي، سا مسافرن تي ظلم ڪري ٿي ۽ هر وقت ڪين لٽيندي ۽ ڦريندي رهي ٿي. اهو معلوم ڪري اسان کي ڏاڍو ڏک پهتو، ان ڪري هڪ وڏو

لشڪر تيار ڪري حملي لاءِ ان ملڪ تي چاڙهيو ويو...

راتاهي لاءِ جيئڻ ئي هو نڪتا. تہ اسان جي فوج کي خبر پئجي وئي ۽ فوج تيار ٿي مقابلي لاءِ نڪري آئي. صبح تائين ٻئي فوجون اچي منهن مقابل ٿيون. اسلامي فوج انهن بدبخت هندن جي لاشن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. خدا تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان فتح عظيم حاصل ٿي، جنهن صورت ۾ هيءَ خبر سيني سوچيندڙن لاءِ سٺي آهي، انڪري هن پڌرنامي ذريعي ان کي چئني طرفن پهچائجي ٿو."

سنڌ جو بادشاھ ۽ دريا خان جو مربي پيءُ ڄام ننڌو تہ هڪ امن پسند ماڻهو هو، پر جڏهن صورتحال ان حد تائين خطرناڪ ٿي وئي هئي. دشمن علائقا ڦٻائي للڪاري رهيو هو. ان کان وڌيڪ تہ سنڌي مسلمان انتهائي سادا ۽ صاف دل انسان هئا. انهن کي حملي آورن هندو ۽ ڪافر پي سڏيو، تڏهن ماٺ ڪري ويهڻ وڏي بزدلي ليکي وڃي ها. سبي ۽ ملڪ جي اترين اولاهين سرحد بابت، ڄام ننڌي پوري پوري معلومات حاصل ڪري ورتي. تڏهن پاڻ انتهائي سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيائين.

حقيقت ۾ واپاري قافلن جي ڦر تہ هڪ بهانو هو. اصل ۾ ارغونن کي سنڌ طرف وڌڻ جي پور پوري نيت هئي. پس منظر ۾ ڄام ننڌي وزيرن جي ڪائونسل سڏائي انهن سان مشورا ڪيا. سنڌي مشاهيرن سان صلاح مصلحت ڪئي. اميرن ۽ فوجي عملدارن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. آخر ڪار ارغونن کي سيڪت ڏيڻ ۽ سنڌ جي وڃايل علائقن جي واپسيءَ لاءِ ڪي اهم فيصلا ڪيا ويا. دريا خان کي سپہ سالار مقرر ڪري، هڪ وڏي لشڪر سان هن اهم ۽ مکيہ فوجي مهم تي موڪليو ويو. حقيقت ۾ دريا خان جي جنگي تربيت ۽ اعليٰ فوجي مهارت جي، هي پهرين وڏي آزمائش ڏسجي ٿي. درياخان سبيءَ جي آس پاس پهچي، علائقي جي جاگرافيءَ

بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. بولان لڪ جي چوڪير فوجي چونڪين جي باري ۾ پاڻ کي باخبر ڪيو. سبي ۽ شال ۾ رهندڙ قومن ۽ قبيلن متعلق معلومات حاصل ڪري، مکيه سردارن ۽ اميرن سان جنگ بابت صلاحون ڪيون. ان طرح سنڌ جي هن نوجوان سپه سالار وڏي رٿا، حڪمت عملي ۽ عقل منديءَ سان ارغونن خلاف جنگ ڇيڙي ڇڏي. ارغونن جي ليڊر ابوالمحمد مرزا ۽ سنڌي لشڪر ۾ فيصلا ڪن لڙائي ۱۴۹۰ع ۾ ٿي گذري. دريا خان جي ڪوشش آخرڪار رنگ لاتو. ارغونن کي عظيم شڪست ملي. شهر سبيءَ تي سنڌ جي حاڪم جو اختيار بحال ٿي ويو. ان کان علاوه ابوالمحمد مرزا عرف سلطان محمد پڻ قتل ٿي ويو. ياد رهي ته هي ماڻهو ارغونن پاران سبيءَ جو حاڪم مقرر ڪيل هو. پاڻ شاه بيگ ارغون جو ڀاءُ هو، جنهن گهڻو پوءِ سنڌ جي سمن جي سلطنت کي ختم ڪيو هو.

دريا خان هن وڏي سوڀ حاصل ڪرڻ بعد به فتوحات جو سلسلو جاري رکيو. هن اڳتي وڌي دشمن کان بولان لڪ جو قبضو به ورتو. اتي پنهنجا عملدار ۽ سپاهي مقرر ڪري، مطمئن ٿي واپس سنڌ جي تختگاه ڏي روانو ٿيو. دارالحڪومت ڏانهن ايندي درياخان بکر ۽ سيوهڻ کان ٿيندو، اتان جي صورتحال بابت معلومات وٺندو فاتحانه انداز ۾ تختگاه ۾ پهتو. جيسين ڄام نندو زنده هو، ارغونن يا منگولن وري سنڌ جي ڪنهن علائقي يا شهر تي حملو نه ڪيو.

## دريا خان جو رتبو وڌي ٿو:

دريا خان سن ۱۴۹۰ع ۾ منگولن سان شاندار معرڪا ڪري، فاتحانه انداز سان اچي سنڌ جي تختگاه وٽ پهتو. اهڙي مثالي ۽ ڪامياب سوڀ حاصل ڪرڻ ڪري، ڄام نندي جو ڳاٽ فخر

ڪان اوچو ٿي ويو. بلاشڪ سنڌ جي ڄام جو فخر ڪرڻ هر لحاظ سان جائز هو، ڇو تہ دريا خان جي چونڊ ڪري ڪيس پاڻ ئي سنڌ سرڪار ۾ وڏو رتبو ڏنو هيائين. سندس انتخاب هر طرح سان جائز ۽ درست ثابت ٿيو هو. هن سورهيہ انسان جي سٺي تربيت ۽ سکيا ٿي، جنهن ڪري سندس سياسي دورانديشي ۽ فوجي ڏانوَ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو.

هن تاريخي سوڀ سان ڄام نظام الدين ۽ سنڌ ملڪ جو ناماچار تہ ٿيو، پر ان سان گڏ خود دريا خان جو مانَ ۽ مرتبو بہ وڌي ويو. هن شاندار ڪاميابيءَ کي تاريخن ۾ بہ لکيو ويو، تہ عوامي زبان تي بہ هي حقيقت پڌري ٿيڻ لڳي. اديبن ۽ لوڪ ڪهاوتون ڪٿندڙن هن فتح کي سبي نہ، پر خود قنڌار جي سوڀ ڪري پيش ڪيو. ان متعلق هڪڙي انگريز اديب لکيو آهي تہ: هن گهڻا بهادريءَ جا ڪم ڪيا ۽ سنڌ جي چوطرف ملڪ فتح ڪيا. آخرڪار قنڌار وٺڻ جو ارادو ڪيائين ۽ ان ۾ پڻ ڪامياب ٿيو. سچي واٽ تي باهين جا مچ ٻارائي ڇڏيائين تہ جيئن سندس ماٽيلي والد کي هن فتح جي خبر پوي. ان تاريخي واقعي سبب سنڌي ماڻهن زبردست خوشي ڪئي.

هن سوڀ جي پس منظر ۾ دريا خان جي هر طرف واکاڻ ٿيڻ لڳي. ان متعلق مير طاهر محمد پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ: هن پنهنجي تدبر سان ملتان کان ڪري ڪيچ، قنڌار، مڪران ۽ ڪيچ جي سرحدن تائين سمورا علائقا، ڄام ننڍي جي حڪومت ۾ داخل ڪري ڇڏيا هئا. اڌ رات جو سندس ڪوبہ ماڻهو ڪنهن ڪم ڪار سبب، انهن صوبن ڏي ويندو هو تہ، راڄ توڙي وڏيرا سندس حڪم اکين تي رکي سيڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا.

دريا خان جي اعليٰ فوجي ڪاميابين، شاندار سياسي سوچن، تدبر ۽ ڏاهپ جي مثالي ڪارنامن کان متاثر ٿي، آخرڪار ڄام ننڍي

ڪيس حڪومت ۾ مثانهين درجي تي پهچايو. ان طرح ڪسي امير الامراءُ، وزيراعظم، ڪمانڊرانچيف ۽ خان الاعظم جا عهدا ۽ لقب ڏنا ويا. اهو ئي موقعو هو جو ڄام دريا خان کي پنهنجو پٽيلو به سڏيو، جوهن کي گود جي ٻارجي حيثيت ۾ نپايو ۽ وڏو ڪيو هيائين.

## مڪليءَ تي مقبري جي اڏاوت:

ان سال جڏهن دريا خان عظيم الشان ڪاميابين کان پوءِ، سنڌ جي درٻار ۾ سڀ کان مٿانهون درجو ۽ رتبو حاصل ڪيو، تڏهن ڪيس مڪليءَ تي پنهنجي آخرين آرامگاه ٺهرائڻ جو خيال دل ۾ آيو. پهريان سمان بادشاهه پير پٺي تي پنهنجا عزيز دفن ڪندا هئا. ليڪن ڄام تماچيءَ پنهنجي دور ۾، شيخ حماد جي حڪم تي مڪليءَ کي قبرستان طور چونڊيو. شيخ جي راضپي لاءِ اتي هڪ مسجد جوڙي وئي. ان بعد خانقاهون ۽ حجرا جوڙيا ويا. سمن ڄامن به اتي پنهنجا مقبرا ٺاهڻ شروع ڪيا. ان کان علاوه خود شيخ حماد ۽ عيسيٰ لنگوٽيءَ جا دفن گاه به اتي اڏيا ويا. سمن جا مقبرا يا وري ڪي ٻيون تعميرات مڪلي ٽڪر جي بنهه اترئين ڇيڙي تي ڪيون ويون، جي اڄ سوڊو خسته حالت ۾ موجود آهن. دريا خان جي سرپرست اعليٰ ۽ والد ڄام نظام الدين جو مقبرو به هت ڏسجي ٿو. هن مقبري جي سر اوله ۾ ڪجهه مفاصلي تي، ڳاڙهي پٿر جو هڪ سهڻو ۽ تاريخي ڪوٽ آهي. جنهن ۾ اندر دريا خان جي مزار موجود آهي. بنيادي طرح هن تاريخي تعميرات جو ڪم، دريا خان خود ڪرايو هو، جڏهن پاڻ منگولن تي مثالي سوڀ پائي آيو هو. هت لڳل هڪ عربي ڪتبو مقام جي اڏاوت واري سال کان سواءِ، سندس منگولن تي پاتل شاندار سوڀ جي پڌرائي به ڪري ٿو. دريا خان جي مدفن گاه جو ڪجهه وڌيڪ ذڪر هيٺ ڪيو

ويندو. هي اڏاوتون ۽ رٿائون ۱۴۹۰ع ۾ عمل ۾ آيون هيون.

## شادي:

دريا خان جي عشق معاشقي ۽ شاديءَ جو قصو بہ ڪتابن ۾ محفوظ آهي. سندس عشق همون نالي ڇوڪريءَ سان ٿيو جا ذات جي راڻوڙ ڇٽي وچي ٿي. سندس پيءُ جو نالو ٻالو هو ۽ چاچن جا نالا ڪوڙو ۽ پيروز هئا. ان وقت راڻوڙن جو قبيلو ٿرپارڪر جي ضلعي ۾ جهڏي گدام طرف رهندو هو. ڪين هن علائقي ۾ وڏيون جاگيرون مليل هيون ۽ پاڻ ان پرڳڻي جا سردار بہ ڏسجن ٿا. درياخان ڪنهن فوجي مهم تي سنڌ جي اوپر واري سرحد ڏي ويو هو. اتان موٽندي پاڻ اچي هڪ تلاءَ تي پهتو. هي تلاءُ ”همون تلاءُ“ سڏبو هو. جنهن جا آثار اڄ بہ جهڏي گدام طرف موجود آهن. جنهن وقت دريا خان هن تلاءَ تي پهتو، ان وقت خوبصورت نوجوان همونءَ نالي هڪ ڇوڪري، پنهنجي ساهيڙين سان گڏ وهنجي رهي هئي. سندس ڪپڙا تلاءُ جي ڪناري تي پيا هئا. دريا خان ۽ همون نندي هوندي کان هڪ ٻئي جا واقف ڪار هئا، انڪري ٻنهي ۾ آزادانہ گفتگو ٿي. نيٺ همون کيس طعنو ڏيندي چيو تہ، تون آخر اسان کي ڇا ٿو ڪري سگهين؟ ان تي دريا خان وراڻيو تہ، هاڻي آءٌ تو سان ضرور شادي ڪندس. دريا خان موٽي اچي سڄي سرپرستي ڄالم ڄام نندي سان ڪئي ۽ پنهنجي شادي همونءَ سان ڪرائڻ لاءِ زور ڀريو. پلا ڄام نندو ڪيئن ٿي پنهنجي پياري پٽ جي ڳالم کي ٽاري سگهيو. آخر ڪار ڄام کي هن مسئلي حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. همون ۽ دريا خان جي شادي ڌام ڌوم سان ٿي. جنهن جا قصا ۽ افسانہ اڄ سوڌو مشهور آهن.

دريا خان جي شادي پنهنجي پسند تي ٿي وئي، پر پوءِ بہ همونءَ کي ماڻ لاءِ ڪيس وڏين آزمائشن ۽ امتحانن مان گذرڻو پيو، جن سيني مرحلن مان هو ڪامياب ٿي ويو. اصل ۾ هن شاديءَ سبب درياخان ۽ ڄام نندي جي راڻيءَ ۾ وڏي دشمني پيدا ٿي پئي. راڻي پنهنجي پاڻ سان همونءَ جي شادي ڪرڻ گهري ٿي جا نہ ٿي سگهي هئي. ڄام جي وفات کان پوءِ ارغونن حملو ڪري، درياخان کي شهيد ڪيو، تڏهن بہ راڻيءَ سندن مدد ڪري، هن سورهيہ کي مارايو هو.

دريا خان جي عشق يا شاديءَ بابت ٿوري ڦيرڦار سان برٽن بہ لکيو آهي. هت ان لکت کي مختصر سڌار کان پوءِ پيش ڪجي ٿو. دريا خان شاندار سهڻون ماڻي موٽي آيو، تڏهن پاڻ سولنگين جي قبيلي مان سگ وٺڻ جو ارادو ڪيائين. پر هنن اها ڳالھ قبول نہ ڪئي. اهو بهانو ڪيائون تہ اسان وٽ هن جي لائق سگ ڪونهي. ان ڳالھ تي دريا خان کي گهڻي ڪاوڙ لڳي. آخر ڪار انهيءَ تڪرار ۾ سولنگين جا ڪيئي ماڻهو مارجي ويا. قوم جي سردار هڪ پيرسن مائي هئي جا اتفاق سان بچي وئي. هن قسم کنيو تہ جيسين ويڙ نہ وٺنديس ايسين سک نہ ويهنديس. سو وئي ٺٽار ارغونن کان لشڪر وٺڻ. نيٺ ارغونن جي مدد سان چڱا ماڻهو گڏ ڪري، پنهنجي ملڪ ۾ موٽي آئي ۽ خان سان لڙائي ڪري کيس شهيد ڪرائي ڇڏيائين.

## حويلي ۽ ڪوٽ جي اڏاوت:

ڄام نندي جي حڪومت تائين سمن ڄامن جو تختگاه "ساموئي" نالي وارو شهر هو. هي شهر بہ سمن بادشاهن حڪومت جي شروعاتي دور ۾ اڏايو هو. ليڪن ١٤٩٥ع ڌاري ڄام نندي

ساموئي کي چڏي ”لتي“ کي پنهنجو تختگاه مقرر ڪيو. ان دور جي حوالي سان هر ماڻهوءَ لتي ننگر جي نيڪي ڪئي آهي. هڪڙي قديم ۽ گمنام سنڌي شاعر شهر جي تعريف هن ريت ڪئي آهي.

جڏ لتي تي لاهه ڪيو، اڏيو تي ملتاڻ

سؤ سهيلين ساڻ، مون متي ڪنئي متي تي.

ان ريت هن شهر جي نئين اڏاوت جو سهرو به ڄام نظام الدين جي سر تي آهي. هن هڪ اهڙي شهر کي وڏائڻ تي چاهيو، جتي هميشہ سک ۽ سانت هجي. شهر جي رٿابندي ڪندي ڪاريگرن ۽ هنرمندن سان مشورا ڪيا ويا. چؤطرف ننڍا وڏا، پڪا ۽ سهڻا گهر جوڙي شهر کي سينگاريو ويو. مهمان خانہ ۽ اوطاقون الڳ اڏيون ويون. اڏاوت ڪان هتي ڪري به لتو ننگر هڪ ياڳ وارو شهر ثابت ٿيو. چون ٿا تہ ان دور ۾ ڪنهن به شهريءَ کو ڏک نہ ڏٺو هو. هر هڪ جو ڪمائيندو هو ان تي خوش رهي گذران ڪندو هو، ۽ خدا جو شڪر ادا ڪندو هو. لتي جي نئين اڏاوت وقت ڄامن پنهنجي حويلين جي حد بندي ڪرائي. اميرن ۽ وزيرن لاءِ پاڙا مقرر ڪيا. ڪاريگرن ۽ ڪمين کي وسايو. عملدارن ۽ استادن لاءِ شهر جو هڪ حصو مقرر ڪيو.

ان سمي دريا خان به پنهنجو ڪوٽ ۽ حويلي اڏائڻ جو فيصلو ڪيو. ان وقت ۾ لتي جوشهر موجوده بستيءَ جي اولہ ۽ ڏکڻ ۾ لاهيو ويو هو. شهر جي متان يا تہ درياه جي برانچ وهندي هئي، يا وري ڪا نهر وهندي هئي. ان طرح مڪلي ٽڪري ۽ نهر جي وچ ۾ دريا خان پنهنجي لاءِ پلاٽ حاصل ڪيو. هن پلاٽ تي پاڻ هڪ مضبوط قلعو اڏايائين ۽ ان جي اندر هڪ خوبصورت حويلي پڻ ٺهرايائين. هي ڪوٽ ۽ گهر هو جتي پوءِ دريا خان پنهنجي شهادت

تائين رهندو آيو. پوءِ هن علائقي ۾ دريا خان پنهنجي حويلي ۽ ڪوٽ جي نسبت سان هڪ مستقل نهر کوٽائي. ان ڪري لاڙ جو گهڻو حصو سرسبز ۽ آباد ٿي ويو. اڄ ڪان اڌ صدي اڳ تائين بہ تاريخ جي ڄاڻن دريا خان جو گهر ۽ ڪوٽ موجود ڏٺو هو. اڄ ننگر ٺٽي جي صديون اڳ واري بيهڪ گم ٿي وئي آهي. ان ڪري اسين جي هاڻي دريا خان جي رهائشي ماڳ مڪان بابت، معلومات حاصل ڪريون تہ پوءِ اها هن ريت بيهندي: مڪلي ٽڪريءَ جي عيدگاه جي اوڀارئين طرف واري علائقي ڪي دريا خان جو ٽڪر سڏبو هو، جو تہ سندس ٺهرايل ڪوٽ ۽ حويلي ان هنڌ تي اڏيل هئا. اهي ڏاڪا جي عيدگاه طرف ويجهو ٿا، سي ڪوٽ جي اترئين پٽ واري طرف واقع آهن. جيتوڻيڪ اهي ڏاڪا هاڻي برباد ٿي ويا آهن، تڏهن بہ انهن جا نشان اڃا ڏسي سگهجن ٿا.

## دريا خان جو اوج:

مهدي جونپوريءَ ڪان پوءِ واري دور ۾، ٿر ۽ پارڪر توڙي ڪڇ طرف جنگيون لڳيون. ليڪن انهن ۾ دريا خان جي ڪردار بابت اسانکي ڪابہ خبر نہ ٿي پوي. پوءِ بہ پڪ آهي تہ سنڌ جي هن عظيم سپہ سالار انهن لڙاين ۾ ضرور حصو ورتو هوندو. ابتدا ۾ ڄام نظام الدين کي ڪوبہ اولاد نہ ٿيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ دريا خان کي گود جي ٻار جي حيثيت نپائي وڏو ڪيو هئائين. ڏسجي ٿو تہ ڄام نظام الدين کي پيريءَ ۾ هڪ پٽ ڄائو هو، جنهن جو نالو فيروز الدين آهي. ڄام فيروز جي ماءُ مدينہ هئي، جنهن جو تعلق ماڇي قبيلي سان چيو وڃي ٿو. ڄام نندي اليتاليهہ سال سنڌ تي بادشاهي ڪئي. سندس وفات نهايت ئي وڏي عمر ۾ سن ١٥٠٨ع ۾ ٿي. ان ڪان اڳ سندس ڪيئي همعصر ۽ دوست بادشاه

پڻ فوت ٿي چڪا هئا. ڄام ننڍي جي وفات وقت تخت جو اصل وارث ۽ ولي عهد ڄام فيروز اڃا ننڍي عمر جو ڇوڪرو هو. ايئن ٿو ڏسجي تہ ان وقت ڏريا خان اڪيلو ماڻهو هو، جيڪو سياسي ۽ فوجي لحاظ کان پختي ذهن وارو انسان هو. زماني جون هيٺاهيون ۽ مٿانهيون ڏسندي هو انتهائي تجربيڪار انسان ٿي چڪو هو. پاڻ سلطنت جي قاعدن قانون جو ڄاڻو هو. سنڌ جي تاريخي ورثي بابت کيس پوري پوري ڄاڻ حاصل هئي. سنڌ جي سرحدي صورتحال بابت کيس مڪمل معلومات هئي. ان کان علاوه ننڍي کنڊ ۾ ايندڙ تبديلين تي پڻ سندس سٺي نگاه هئي. وچ ايشيا، ڪابل ۽ قنڌار ۾ جي هيرا ڦيريون ٿي رهيون هيون، انهن بابت دريا خان کان وڌيڪ ڄاڻ رکندڙ ٻيو ڪوبہ ماڻهو دربار ۾ موجود نہ هو. ان کان اڳ پاڻ قنڌاري ارغونن سان معرڪا بہ ڪري چڪو هو.

جڏهن ڄام ننڍي جي وفات جو وقت ويجهو آيو، تہ پاڻ وڏي سوچ ويچار کان پوءِ، سنڌ جي خودمختيار سلطنت کي قائم رکڻ لاءِ ڪي فيصلا ڪيائين. هنن فيصلن موجب فيروز نئون بادشاه بڻيو، پر حڪومتي ڪاروبار جي اصل واڳ دريا خان جي هٿ ۾ ڏني وئي. ان کان علاوه ڄام ننڍي پنهنجو اهل وعيال بہ دريا خان جي سرپرستيءَ ۾ ڏئي ڇڏيو. کيس ڄام فيروز جي گهٽي پارت ڪئي وئي جيڪو اڃا نوجوان ڇوڪرو هو. ان طرح سنڌ جو هي هر دلعزيز بادشاه فوت ٿيندي، مملڪت سنڌ کي انتهائي تجربيڪار ۽ مضبوط ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڏيندي، پاڻ هي جهان ڇڏي هليو ويو. حقيقت ۾ دريا خان جي سياسي توڙي فوجي مانَ مرتبي جي اوج جو هي زمانو ڏسجي ٿو. سنڌي زبان ۾ هڪ مثل مشهور آهي تہ: هر ڪمال کي زوال اچي ٿو. ان طرح ڪجهہ سالن کان پوءِ دريا خان جو ڪردار بہ ختم ٿيڻ شروع ٿي ويو.

## سنڌ جي دربار کان علحدگي:

جنهن وقت ڄام ننندو فوت ٿيو، تڏهن ڄام فيروز تخت تي ويٺو. دريا خان وزيراعظم طور حڪومت جي واڳ ورتي. سنڌ جي هر مسئلي جي ڇيڙي نبيري سندس هٿ ۾ هئي. ان وقت گجرات ملڪ ۾ ٽڪيل جلاوطن سنڌي شهزادي ڄام صلاح الدين به حڪومت جي دعويٰ ڪئي. بادشاهه مظفر گجراتيءَ جي زال، ڄام صلاح الدين به ڄام فيروز جي سوٽ هئي. گجرات جو لشڪر وٺي صلاح الدين سنڌ تي حملو ڪيو. ليڪن درياخان جي دانائيءَ سان معاملو ختم ٿي ويو. حقيقت ۾ سنڌ جي عظمت جو دور هاڻي پورو ٿي چڪو هو. سمن جي سلطنت پنهنجي پڇاڙيءَ کي پهچي رهي هئي. خود دريا خان جو عمل دخل به هاڻي اڇي ختم ٿيو هو. ڄام فيروز جيئن جيئن عمر ۾ وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن دريا خان کان به دور ٿيندو ويو. هن کي نوان ملازم رکيا جي نهايت ئي ڪم ظرف هئا. اهي هر وقت پيا سندس ڪن ڀريندا هئا. ڪيس چوندا هئا ته ملڪ جا مڙئي راڄدار ۽ عملدار ته دريا خان جي چُئي آکي ۾ آهن. توکي ته ڪير ليکي به ڪونه ٿو. خلق ته ائين ٿي سمجهي ٿي ته ڄام نندي کان پوءِ، تخت ۽ تاج جو اصل مالڪ خود دريا خان آهي. ان ڪري هر هنڌ سندس ڳالهيون پيون ڳائجن. جيسين تون پاڻ ملڪ هٿ نه ڪندين، ڪير به تنهنجي حڪم جي پوئواري نه ڪندو. بدبخت فيروز کي نالائق ملازمن ۽ ڪڙم قبيلي وارن به ڀڙڪايو. هن سڄي چرت ۾ فيروز جي ماءُ جو به وڏو هٿ هو. مٿس زور ڀريو ويو ته دريا خان کي معذور ڪري ڪائنس سمورا اختيار کسيا وڃن. ان طرح ڪيس گمناميءَ جي اوڙاهه ۾ اڇلايو ويو.

ان مقصد ھيٺ ڄام فيروز قدم کڻ شروع ڪري ڏنا. پوءِ ته لاهي
پاهي پاڻ دريا خان جي پٺيان پئجي ويو. فيروز جيئن ئي دريا خان
کي ڪمزور ڪري خود مختيار بنيو، تيئن ئي عيش عشرت کي
لڳي ويو. هاڻي فيروز اڪثر وقت حرم ۾ رهڻ لڳو. ڪڏهن
ڪڏهن دربار ۾ ايندو هو ته به، مخنثن ۽ مسخرن جي گهيري ۾
رهندو هو. ڪڏهن به ڪنهن داناءَ يا مدبر کان ملڪ بابت
معلومات نه ورتائين. سمان ۽ خاصخيلي جي بادشاهه کي ويجهو هوندا
هئا، هر وقت شهرين تي ظلم ڪندا رهندا هئا. دريا خان کين
روڪيندو هو ته سندس بي عزتي ڪندا هئا. ان مرحلي تي استعفا
ڏئي، دريا خان پنهنجي جاگير ڳاها طرف هليو ويو. هي شهر سيوهڻ
جي آس پاس اڄ به موجود آهي. هي واقعو ١٥١٢ع ۾ ٿي گذريو. ان
جو مطلب ته ڄام نندي جي وفات کان صرف چار سال پوءِ، دريا
خان جو اثر ختم ڪري کيس سنڌ جي حڪومت کان بيدخل
ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو.

## دريا خان پنهنجي جاگير ۾:

دريا خان استعفا ڏئي حڪومت جا سڀ عهدا ڇڏي، سن ١٥١٢ع
۾ ٺٽي مان نڪري اچي پنهنجي جاگير ۽ ڳوٺ کي وسايو. هي
ڳوٺ "ڳاها" جي نالي سان، اڄ سوڍو سيوهڻ جي اولهه اتر ۾،
ايڪيهنميلن تي واقع آهي. هن ئي دور ۾ ڏسجي ٿو ته ڳاها هڪ
اهم علمي مرڪز بنجي ويو. اصفهان کان مخدوم عبدالعزيز ابهري
۽ سندس ٻه پٽ مولانا اثيرالدين ۽ مولانا محمد اچي سنڌ پهتا. هي
بزرگ پنهنجي دور جا مشهور محدث ۽ ديني عالم ٿي گذريا آهن.
هنن عالمن سڳورن دريا خان جي دعوت قبول ڪئي ۽ ڳاها ۾ رهائش
پذير ٿي ديني خدمتن ۾ مشغول ٿي ويا. ڄام نندي وانگر دريا خان

بہ عالمن، اديبن ۽ درويشن جي گهڻي خدمت ڪندڙ هو. مخدوم عبدالعزيز ڳاها ۾ مدرسو کولي، سوين شاگردن کي ديني خواه دنيوي علم پڙهايا. سندس مزار اڄ سوڏو ڳاها ۾ موجود آهي. ڳاها جي پرسان مخدوم بلال جو مدرسو بہ هو. هن ئي عرصي ۾ دريا خان ۽ مخدوم بلال جون ملاقاتون ٿيون، جن ۾ پاڻ سنڌ جي مستقبل بابت ويچار ڪندا رهندا هئا.

## ڄام فيروز جي ياڄ:

سنڌ جي درٻار کان دريا خان جي ڌار ٿيڻ جي خبر، جهنگ جي باه وانگر هڪدم هر طرف پکڙجي وئي. هاڻي لٽي جي شهرين تي سمن ۽ خاصخيلي قبيلي جي ماڻهن جا ظلم اڃا بہ وڌي ويا. بادشاه فيروز هر وقت محلات ۾ رهي بيڪار زندگي پيو گذاريندو هو. کيس ان جي پرواه نہ هئي تہ ملڪ ڪيئن پيو هلي. ان صورتحال ۾ سنڌ جي ڪمزوري ظاهر ٿي رهي هئي. سمن ڄامن جي سلطنت جا بنياد بہ ڊهڻ شروع ٿي ويا. ان پس منظر ۾ لٽي جي انقلابي ماڻهن، خط لکي ڄام صلاح الدين کي خبروار ڪيو. کيس صلاح ڏنائون تہ بنا دير پاڻ اچي لٽي تي قبضو ڪري. ڄام اهي خط سلطان مظفر گجراتيءَ کي ڏيکاريا ۽ فوجي مدد جي درخواست ڪئي. ان طرح گجرات جو لشڪر وٺي صلاح الدين اچي لٽي کان نڪتو. هي خبر فيروز کي پئي، سو هڪدم شهر ڇڏي ڀڄي ويو. ڄام صلاح الدين بنا ڪنهن لڙائي جهڳڙي جي، سمن جو بادشاه بنجي ويو. فيروز ان ڪري خوار خراب ٿي بادشاهي وڃائي ويٺو هو، جو دريا خان جهڙا داناءُ ۽ دلير حڪومت کان الڳ ٿلڳ ٿي ويا هئا.

هاڻي فيروز پنهنجيون غلطيون محسوس ڪيون. کيس خاطري ٿي تہ ايئن دريا خان جي نہ هجڻ جي ڪري ٿيو آهي. اهي ڳالهيون

ڳٺي پنهنجي ماءُ مدينہ کي ساڻ ڪري، فيروز ڳاها طرف روانو ٿي ويو. مدينہ ۽ فيروز اڳيان حق ۽ واسطا وجهي دريا خان کي ميڃائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيس ڄام ننڍي مرحوم جي نالي ۾ محسوس ڪرائڻ جا جتن ڪيائون. آخرڪار دريا خان سڀ ويچار ڪرڻ ڪانپوءِ، فيروز سان ساٿ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پاڻ پنهنجي اثر وارن علائقن بکر ۽ سيوهڻ مان لشڪر گڏ ڪري ٺٽي طرف روانو ٿي ويو.

## دريا خان جنگ جي ميدان ۾:

ڄام صلاح الدين صرف اٺ مهينا (مارچ کان آڪٽوبر ١٥١٢ع)سنڌ جو بادشاهہ رهيو هو. ان وچ ۾ ڄام فيروز ۽ دريا خان جو ناهہ ٿي ويو. آخر ڪار درياخان وڏو لشڪر وٺي صلاح الدين سان جنگ جي تياري ڪئي. لڙاين ۽ حيلن حرفتن سان نيٺ صلاح الدين کي بادشاهيءَ تان بيدخل ڪيو ويو. ان سڄي حرفت ۽ ويڙهہ ۾ دريا خان وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان جو تفصيل هن ريت آهي.

چون ٿا تہ رمل سوڍي جي پڙڪائڻ تي، ڄام صلاح الدين گجرات ملڪ کان سنڌ طرف پيش قدمي ڪئي هئي. ان وقت هت سنڌ ۾ بہ ڄام صلاح الدين جا ڪيئي طرفدار موجود هئا. اهي سڀ ماڻهو اچي سندس لشڪر ۾ داخل ٿيا. ان ريت صلاح الدين هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڪري اچي ٺٽي تي ڪڙڪيو. ڄام فيروز جو وقت جو بادشاهہ هو سو پاڻ ۾، مقابلي جي همٿ نہ ڏسي ٺٽي مان نڪري پڇي ويو. ان طرح ڄام صلاح الدين تخت ڌڻي ٿي ويهي رهيو. ڄام فيروز بيڙي ۾ چڙهي روانو ٿي ويو ۽ آخر وڃي دريا خان وٽ پهتو. نيٺ دريا خان ساڻس گڏجي پيو ۽ ان طرف جا ماڻهو گڏ ڪري ٺٽي ڏي وڌيو. هي خبر ٻڌڻ شرط رمل سوڍو ۽ حاجي وزير

ڪثير فوج ولي، ڄام صلاح الدين جي پاران نڪري پيا. حاجي وزير سپاه ساڻ ڪري ڳاها طرف وڏڻ لاءِ سن جي شهر وٽ اچي پهتو. تنهن مهل درياءَ جو اڀرندو ڪنارو ڏيٺي، فيروز ۽ دريا خان لٽي طرف وڃي رهيا هئا. هاڻي وزير بہ درياءَ پار ڪري هن جي پٺيان لڳو. جڏهن ڄام فيروز ڪيبرن جي ڳوٺ پهتو، تہ اتي جا سڀ وڏيرا اچي سندس سلاميءَ تي حاضر ٿيا.

هتان ٿيندا ڄام فيروز ۽ دريا خان فتح باغ پهتا ۽ اتان درياءَ ٽپي عالي پوٽن جي ڳوٺ ۾ اچي لشڪر کي ويڙهہ لاءِ تيار ڪيائون. ان وقت ريڻ واه جي ڪناري تي حاجي وزير بہ اچي منزل ڪئي. هڪ ڏينهن جاسوس اچي دريا خان کي خبر ڏني تہ هڪڙو ماڻهو منڪي تي ترندو ٿو وڃي. شايد حاجي وزير جو ماڻهو آهي ۽ لٽي طرف ڪا خبر ڪنيو پيو وڃي. دريا خان جي حڪم موجب ڪجھ ماڻهو ويا ۽ ان کي پڪڙي ولي آيا. دريا خان نهايت مٺاج ۽ محبت سان ان ماڻهوءَ کان سندس پار پتا پڇيا. وڏيڪ چيائينس تہ اسان کي افسوس آهي جو، اصل ۾ اوهين ڄام فيروز جا ماڻهو آهيو ۽ هاڻي توهين پنهنجي بادشاه کان ڦري ويا آهيو. بادشاه جو پشت بہ پشت اوهان جو حاڪم رهندو اچي ۽ اوهان جي ڏاڏن ۽ پڙڏاڏن کي بہ سڃاڻي ٿو. اوهين وڃي اهڙي ماڻهوءَ سان گڏيا آهيو، جو ڌاري ولايت کان آيل آهي. ان بعد جڏهن سندس دل تان ڊپ لهي ويو، تڏهن ڪيس ڄام فيروز وٽ ولي آيو. سندس ساراه ڪندي ڄام کي چيائين تہ: هي فلاڻو پٽ فلاڻي جو آهي. سندس وڏن هميشہ اوهان جي دربار ۾ خدمتون بجا آنديون آهن.

مطلب تہ اهو ماڻهو جو ذات جو مهاڻو هو، سچ پچ تہ حاجي وزير جو خط کنيو لٽي ٿي ويو، تنهن پنهنجي وارن ۾ لڪايل پرزو ڪڍي ڪٽي دريا خان کي ڏنو. ان خط ۾ حاجي وزير لکيو هو تہ:

اوهان کي (صلاح الدين) معلوم هجي ته، هاڻي دريا خان ۽ فيروز مون کي وجهه ۾ آهن ۽ وچ تي صرف سنڌوندي آهي. آءٌ جي ندي اڪري مٿن حملو ڪريان، تڏهن به کين ختم ڪري سگهان ٿو، پر جي کين قيد ڪرڻ تي اچان ته ايئن به ڪري سگهان ٿو ۽ اوهان جي خدمت ۾ پهچائي سگهان ٿو. هاڻي جيئن حڪم هجي تيئن ڪيو وڃي.

دريا خان اهو خط قاڙي پنهنجي طرفان خط لکي، حاجي وزير جي نالي ۾ صلاح الدين کي موڪلي ڏنو. ان ۾ لکيل هو ته؛ دريا خان وڏو لشڪر وٺي ڄام فيروز سميت هت پهتو آهي. ان سان مقابلي ڪرڻ جي مون ۾ همٿ ڪانهي. موزون رٿ هي آهي ته هن خط ڏسڻ شرط، اوهين بنا ڪنهن سستي ۽ دير جي هڪدم ٺٽي مان نڪري وڃو.

هي خط پهچڻ شرط ڄام صلاح الدين شهر مان نڪتو هليو ويو. ظاهر اهو ڪيائين ته پير پٺي جي زيارت لاءِ وڃان ٿو، پر حقيقت ۾ ته پاڻ سڌو گجرات هليو ويو. دريا خان کي جاسوسن هن سڄي ماجرا کان واقف ڪيو. ان تي هن رات جو ئي پنهنجا ماڻهو، حاجي وزير جي ڪيمپ ۾ موڪلي ڏنا. انهن وڃي حاجيءَ جي ماڻهن کي شرمايو ته، اوهان جي ابن ڏاڏن جو بادشاهه ڄام فيروز هت ويٺو آهي. ڄام صلاح الدين وڃي گجرات ڪان نڪتو. توهين ايا به حاجي وزير ۽ رمل سوڍي جي هٿن ۾ پيا ڪيڏو. سپاهين کي هن ڳالهه جي پڪ ٿي ته واقعي صلاح الدين گجرات هليو ويو آهي، سو بنا دير جي وفاداري تبديل ڪري اچي فيروز وٽ پهتا. ڄام فيروز ٺٽي پهچي اچي تخت نشين ٿيو. ڄام صلاح الدين کي به اصل حقيقت معلوم ٿي ته، ڏاڍو ڏک ٿيس پر هاڻي ڇا ٿي ڪري سگهيو! ڪن ڪتابن ۾ ايئن به لکيل آهي ته حاجي وزير ۽ دريا خان ۾ جنگ ٿي

هئي. هن لڙائيءَ ۾ دريا خان هارايو هو پر پوءِ خط واري حرفت سان ناڪاميءَ کي فتح ۾ تبديل ڪيو هئائين.

## دربار ۾ واپسي:

ڄام فيروز کي ساڻ ڪري عيد جي ڏينهن پهرين شوال ٩١٨ هه (١٢ آڪٽوبر ١٥١٢ع) تي، دريا خان فاتحاڻه انداز ۾ ٺٽي ۾ داخل ٿيو. دريا خان جي صلاحن ۽ مشورن سان هڪ شاندار محفل مچائي وئي. هاڻي ڄام فيروز لهي لڪي سنڌ جو بادشاه بڻجي ويٺو. دريا خان کي پڻ سندس سيني اڳين عهدن تي مقرر ڪيو ويو. ليڪن هن ڀيري به درٻارين ۽ بادشاه جي عزيزن دريا خان سان دشمني جاري رکي. ان طرح مختلف طريقن سان سندس خلاف سازشون سٽجڻ لڳيون. سيني مخالفن جي خواهش هئي ته اهڙي داناءَ ۽ دلير وطن دوست انسان جون پاڙون کوٽي ڪڍجن. نيٺ دريا خان سان دشمني تيز ٿي وئي ۽ فيروز به انهن حرڪتن ۾ شامل ٿيندو ويو. ڪاڻس اها ڳالهه وسري وئي هئي ته، اڄ ڪالهه دريا خان ڪيس وري بادشاه بڻائڻ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو هو.

هاڻي ته بدبخت فيروز جي ذهن تي هر وقت دريا خان ڇانيل رهندو هو. سندس مرضي اڇي اها بيٺي ته ڪيئن به ڪري دريا خان مان پلئه آجا ڪجن، انڪري ڏينهون ڏينهن هن سنڌي سورهيه خلاف سرگرميون وڌائي ڇڏيائين. فيروز هن ڀيري قنڌاري ٽولن، جي دولت شاهي ۽ نورگاهي مغلن جي نسبت سان مشهور هئا، کي پاڻ وٽ ملازمت ۾ رکيو. انهن ۾ اهڙو ماڻهو به شامل هو، جو ڏاريو جاسوس هو. سندس نالو ڪيڊڪ ارغون هو. اصل ۾ اهي سڀ ماڻهو جاسوسيءَ جي خيال کان، شاه بيگ ارغون طرفان سنڌ ڏي موڪليل هئا. فيروز انهن کي ٺٽي ۾ رهايو، جو پاڙو اڳتي هلي

مغلواڙو سڏيو ويو. ڪيس پڪ هئي تہ اهي دريا خان جو ڪم پورو ڪندا. ان ريت پاڻ آزاد حاڪم بنجي ويهندو. فيروز جڏهن حد درجي تائين عياش بنجي، سلطنت جي معاملن کان غافل ٿي ويو، تہ مير قاسم ڪيبڪ ارغون، شاه بيگ کي خط لکي سنڌ جي حالتن کان واقف ڪيو.

ان وقت قنڌار جي علائقي کي چؤطرف گهيرو ٿي رهيو هو. ان حالت ۾ شاه بيگ جي لاءِ اتي حڪومت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو، انڪري هن هڪ نئين ملڪ جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي هئي. ڪيس پڻ دريا خان سان شخصي دشمني هئي، ڇو تہ ڄام نندي جي زماني ۾ دريا خان، سبيءَ جي آس پاس سندس ڀاءُ ابوالمحمد مرزا کي هڪ جنگ ۾ قتل ڪيو هو. شاه بيگ ارغون جو سنڌ تي حملي جو ارادو هو. مگر اڃا ڪيس پنهنجي جاسوس مير قاسم جي رپورٽ سان اتفاق نہ هو.

ان عرصي ۾ دريا خان جي حڪم عدولي جاري رهي. ڏارين جاسوسن توڙي سنڌي درٻارين پنهنجون سازشون ۽ حرڪتون اڃا بہ وڌائي ڇڏيون. سمن ۽ فيروز جي ڀين مٽن مائٽن ان ڪم لاءِ مدينہ ماڇانيءَ کي تيار ڪيو. مدينہ سنڌ جي حاڪم ڄام فيروز جي ماءُ هئي. ڪيس هر وقت ڇوندا هئا تہ ملڪ ۾ فيروز جو ڪو بہ حڪم نہ ٿو هلي. سڄو ملڪ هڪ غلام دريا خان جي اشارن تي نچي ٿو. هن کي ختم ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ ڪوششون ڪيون ويون آهن، سي سڀ ناڪام ۽ بيڪار ثابت ٿيون آهن. هاڻي اها ڪوشش ڪجي تہ قنڌار مان مغلن کي گهرائجي، جي پاڻهي اچي ڪيس منهن ڏيندا. جيڪڏهن مغلن ملڪ مرتائي ڏٺو تہ بہ واه، جي نہ تڏهن بہ دريا خان مان تہ پلئہ آجا ٿي پوندا. اهي جاهل ان ريت پنهنجي عاقبت کان بي خبر ٿي، اهڙين ڪريل حرڪتن سان

ملڪ جي زوال جا سانباها ڪرڻ لڳا. نيٺ فيروز جي ماءُ مدينہ وڃي قندار کان نڪتي، هن اتي پهچي شاهه بيگ ارغون سان ملاقات ڪئي ۽ کيس هتان جي سيني معاملن جي ڄاڻ ڏني. نيٺ کيس ٺٽي تي حملي جي دعوت ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي آئي.

## دريا خان جي شهادت:

شاهه بيگ ارغون سن ١٥٢٠ع جي آخر ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. ابتدا ۾ سندس لشڪر باغبان (تعلقو سيوهڻ) جي پرڳڻي ۾ ڦرلٽ ڪئي. هنن باغبان مان هزارين اٺ ڦريا جي نارن ۾ وهندا هئا. ان ريت هن سرسبز ۽ آباد پرڳڻي کي برباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان علاوه ارغونن اتر ۽ وچ سنڌ جي ڪيئي وسندڙ علائقن ۽ شهرن ۾ ڦرلٽ ڪئي، جن ۾ چانڊڪا ( ضلعو لاڙڪاڻو )۽ ڪوٽ ماڇي بہ اچي وڃن ٿا. شاهه بيگ ارغون سيوهڻ کان لنگهيو تہ، دريا خان جي پٽن کيس للڪاريو، پر پاڻ رستو تبديل ڪندي لڪي جبلن کان ٿيندو، اچي ٺٽي جي ڀر ۾ خان واهه جي ڪناري تي لٿو. پاڻيءَ جي سهي سان ارغونن، رات خان واهه تي رهڻ جو فيصلو ڪيو. صبح تائين ٿڪ ڀڃي تيار ٿي، شاهه بيگ ڪمهلا نغارا وڄائيندو اڳتي وڌيو.

هي خبر ملڻ شرط دريا خان مکيہ مشيرن ۽ خود بادشاهه ڄام فيروز سان صلاح مشورا ڪيا. فيروز کي چيائين تہ هيءَ مصيبت تو اسان تي نہ آندي آهي، پر پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو اٿئي. بهتر آهي تہ پاڻ سنڀال ۽ سڀ گڏجي انهيءَ آفت سان هلي منهن ڏيون تہ هي فتنو ٽري وڃي. ٻي صورت ۾ اڳتي هلي وري بہ توکي پشيمان ٿيڻو پوندو. ڄام فيروز هن معاملي تي ڪوبہ غور نہ ڪيو ۽ ٻي اونو ٿي پير پٺي جي درگاهه طرف هليو ويو. ٺٽي جي شهرين بہ هن مسئلي

تي گهڻو ويچار نہ ڪيو ۽ بيهي تماشو ڏسڻ لڳا. ارغونن ٢٢ ڊسمبر ١٥٢٠ع تي ساموئيءَ جي ميدان تي جنگ جو سامان ڪٺو ڪيو. هڪ طرف شاه بيگ جنگ جي اڳواڻي ٿي ڪئي تہ ٻئي طرف مخلص سورهين سان گڏ دريا خان ميدان جنگ تي موجود هو. ٻنهي طرفن کان بهادر ۽ سورهيہ جنگ ۾ ٽپي پيا. صبح کان شام تائين ارغون ۽ سنڌين ۾ چٽي جنگ ٿيندي رهي. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ شام تائين لڙائي ٿيندي رهي، ۽ دريا خان وڏي ڪاميابيءَ سان وڙهندو رهيو. ارغون نہ تہ کيس شڪست ڏئي سگهيا، ۽ نہ وري ختم ڪري سگهيا هئا. آخرڪار دريا خان کي صلح جي بهاني سان جنگ بند ڪرڻ تي راضي ڪيو ويو. ان ريت کيس ڳالهين لاءِ گهرائي ارغونن هميشہ هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. دريا خان جي شهادت ٢٢ ڊسمبر ١٥٢٠ع تي شام جي وقت ٿي.

دريا خان جا پٽ بہ وطن دوست ۽ علم دوست ٿي گذريا آهن. سندس پٽ بهادر ۽ جري جوان هئا. سارنگ خان، محمود خان ۽ موتڻ خان، ٽلٽي، سيوهڻ ۽ باغبان ۾ شاه بيگ کي سامهون ٿيا. سنڌ جا هي سپوت مخدوم بلاول سان گڏ هئا. انهن سيني گڏجي ارغونن سان مقابلا ڪيا. آخر مخدوم صاحب کي ارغونن گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو. دريا خان جو ڇوٽون پٽ وڏو عالم هو. سندس نالو علاؤالدين هو. پاڻ هميشہ ڄام فيروز کي ويجهو رهندو هو. دريا خان جو پنجون پٽ احمد جي نالي سان ڏسجي ٿو. سورهيائي ۽ بهادريءَ سبب دريا خان جي گهڻي ساراه ڪئي وئي آهي. ذاتي زندگيءَ ۾ هو هڪ سخي انسان ٿي گذريو آهي. محتاجن ۽ مسڪينن جي پاڻ گهڻي سار لهندو هو. سندس در تان ڪوبہ سوالي خالي هٿين نہ موٽيو.

## مزار ۽ مدفن گاه:

دريا خان سبيءَ ۾ منگولن سان معرڪا ڪري موٽي آيو، تڏهن مڪليءَ تي اچي پنهنجي مقبري جي چوديواري ٺهرايائين. هي اڏاوت مارچ ١٤٩٠ع (جمادي الاول ٨٩٥هه) ۾ ٿي هئي. مڪلي ٽڪر جي اترئين ڇيڙي تي ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولهه ۾ چند وکن تي دريا خان جو مدفن گاه موجود آهي. سندس شهادت کان پوءِ ڪيس پنهنجي ئي ٺهرايل مقام ۾ دفن ڪيو ويو. دريا خان جو ڪفن دفن سندس پٽ احمد جي هٿان ٿيو. احمد وڏي همٿ ۽ دلچسپي سان هن تاريخي مقام کي مڪمل ڪرايو. دريا خان جي مزار تي ڪتبا هٽي ان کي نروار ڪيو ويو. هن احاطي اندر ٻيون ٻه ستاويهه تربتون آهن، پر انهن تي ڪابه لکت موجود ڪانهي. احمد هي يادگار تعميرات ١٥٢١ع (٩٢٨هه) ۾ ٺهرائي راس ڪيا. دريا خان جي تربت تي سيرانديءَ کان هي اکر لکيل آهن.

يا الله

هٰذا مرقد المعطر

للخان الاعظم

شهيد مبارڪ خان

ابن سلطان نظام الدين

هن ڪتبي مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندس مزار کي خوشبوءِ واري جاءِ سڏيو ويو آهي. بلاشبهه اها خوشبوءِ دريا خان جي رتي رت جي آهي، جو هو سنڌ جي سرزمين تان گهوري سرهو ٿي ويو.

# سنڌ جا سپوت

١. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
٢. سچل سرمست
٣. شاهه عنايت شهيد
٤. مرزا قليچ بيگ
٥. جنرل هوش محمد شيدي
٦. دولهه دريا خان
٧. مخدوم بلاول
٨. حيدر بخش جتوئي
٩. مولانا عبيدالله سنڌي
١٠. دين محمد وفائي
١١. علامه آءِ- آءِ- قاضي
١٢. قائد اعظم محمد علي جناح
١٣. علامه عمر بن محمد دائود پوٽو
١٤. پير حسام الدين شاهه راشدي
١٥. ذوالفقار علي ڀٽو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪلائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ٻاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون پاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)